ڊاڪٽر فريده ڏاهري

# مرزا قليچ بيگ جي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل ڊرامن جو تحقيقي مطالعو

# An Analytical Study of Translated Dramas in Sindhi by Mirza Kalich Beg


## *Abstract:*

*Translation has played an important role in spreading and developing Sindhi literature; by reading these translations, we gain new perspectives and opportunities. His plays are frequently translated from English to Sindhi, with some also being translated from Urdu to Sindhi. The dramas being translated by Mirza Kalich Beg have one special thing: he has not copy-pasted the translation but translated the English social dramas according to Sindhi society. He put the stories of those dramas the same as the original ones. He changed the names of the characters and scenes of dramas in Sindhi. By translating those best dramas, he added to the treasure trove of Sindhi literature. The dramas being translated by Mirza Kalich Beg are often by Shakespeare.*


ڪنهن بہ تحرير کي هڪ زبان مان ٻئي زبان ۾ منتقل ڪرڻ کي ترجمو چئجي ٿو. سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌاري ۾ ترجمي جو وڏو هٿ رهيو آهي. ترجمن ڪرڻ سان ادب کي نيون راهون مليون نئين سوچ ۽ نوان موقعا مهيا ٿيا. جتي سنڌي ادب ۾ کوٽ محسوس ٿي اتي ترجمي جي ذريعي ان خال کي پريو ويو. ترجمي جي ذريعي ئي تمام وسيع ۽ ترقي يافتہ ادب سان واسطو پيو ۽ سنڌي ادب مختلف قومن جي ادب سان روشناس ٿيو.

ڊاڪٽر پروفيسر قاضي خادم پنهنجي هڪ مضمون ”سنده مين ترجمہ نگاري کي روايت“ ۾ لکي ٿو: ”خاص طور پر بیسویں صدی کے آخری حصے میں ترجمہ بطور صنف کے ابھرا اور سندھی ادب مین ایک مستقل مقام حاصل کر لیا۔ 1980ع سے لیکر 1947ع تک تقریبن تمام اهم روسی، فرانسیسی، اسپینی، اطالوی اور انگریزی ادب کی کتابیں سندھی میں منتقل ھو گئیں“ (قاضي:262،2015)

ترقي يافتہ ٻوليون اڪيلي سر وڏيون ويجهيون نہ آهن، پر انهن ٻولين پنهنجي ترقي لاءِ مختلف ٻولين مان مدد ورتي آهي. انهن جا لفظ ۽ اکر گڏ ڪري پنهنجي نئين رنگ روپ ۾ آيون آهن ۽ وڏيون ويجهيون ۽ ترقي ڪنديون رهيون آهن. ترجمي سان ٻوليون شاهوڪار ۽ ادب وسيع ٿئي ٿو.

---

• محقق، ليکڪ، ضلعو سانگهڙ

## سنڌي ادب ۾ ترجمو ڪيل مرزا قليچ بيگ جا ڊراما

سال 1853ع ۾ انگريز سرڪار جي ڪوشش سان سنڌي صورتخطي جڙي راس ٿي. ان دؤر ۾ سنڌي زبان ۾ ناول، ناٽڪ، جو نالو به نه هو. بعد ۾ جڏهن اسڪول کليا ته ننڍا ننڍا مڪالما لکي اسٽيج تي پيش ڪرڻ جو رواج پيو. ان وقت سنڌي اديبن ۾ وڌو تعداد هندو اديبن جو هو ۽ هندوستان ۾ اردو زبان جو وڏو زور هو ۽ ان دؤر ۾ ئي ڪجهه ناٽڪي ڪمپنيون پڻ وجود ۾ آيون انهن جي ڪوششن سان ڪي عشقيه ڊراما ڇپجي ظاهر ٿيا ۽ اسٽيج تي به پيش ڪيا ويا. انهيءَ زماني ۾ ڪراچي ۾ هڪ ناٽڪي ڪمپني "جميلا" نالي وجود ۾ آئي، ۽ ٻئي "رازل" نالي سان هئي. ڪراچي نيپيئر روڊ تي به ٿيٽر به قائم ٿيا.

سنڌ جي ماڻهن ۾ ڊراما ڏسڻ جو شوق بي انتها درجي جو هو. جو تمام پري کان ٽرانسپورٽ جي سهولت نه هئڻ ڪري تڪليفون سهي ڏکيو سفر طئي ڪري به ڊراما ڏسڻ لاءِ اچي پهچندا هئا. جيتوڻيڪ هن ميدان ۾ هندو اديبن جو تعداد وڌيڪ هو پر ڊراما نويسي جي آغاز جو سهرو مرزا قليچ بيگ صاحب جي مٿي  تي آهي مرزا قليچ بيگ ان وقت ۾ مسلمان سنڌين جو ماڻُ مٿاهون ڪيو ۽ ادب جي ميدان ۾ پاڻ اڪيلي سر سيني هندو اديبن جي منهن مقابل ٿيو ۽ ڊرامي جي صنف جي خالي دامن کي ترجمن وسيلي پريائين.

1880ع ۾ پاڻ پهريون ڊرامو " ليليٰ مجنون " نالي سان لکيائين. ان کانپوءِ 1885ع ۾ "خورشيد" جيڪو گجراتي ساڳئي نالي واري ڊرامي تان ترجمو ڪيائين. سال 1896ع ۾ " شڪنتلا" جيڪو اصل ۾ ڪاليداس جي هندي ڊرامي جو ترجمو هو.ان کانپوءِ شيڪسپيئر جي ڊرامن جو دؤر شروع ٿئي ٿو. جن ۾ مشهور ڊراما هي آهن.

(1) "ڪنگ ليئر" جو ترجمو "شاهه ايليا" نالي سان ڪيائين

(2) "مرچنٽ آف وينس" جو ترجمو "حسنا دلدار" نالي سان

(3) "سمبيلائين" جو "شمشاد مرجانه " نالي سان

(4) "ٽو جنٽلمين آف ويرونا " جو "عزيز شريف" نالي سان

(5) "روميو جوليٽ " جو " گلزار گلنار" نالي سان

(6) "هئمليٽ " جو "شهزادو بهرام" نالي سان ترجمو ڪيائين.

ڊرامن کانسواءِ مرزاصاحب 'لارڊ ليٽن' جو مشهور ناول "مارننگ اينڊ نائيٽ" جو " فيروز دل افروز" نالي ترجمو ڪيائين. تنهن کانسواءِ هڪ اردو ڊرامي جو ترجمو "نيڪي ۽ بدي" جي نالي سان ڪيائين.

مرزا قليچ ترجما نگاري ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو پاڻ پابند ترجمي جي روايت کي ڇڏي سنڌيءَ ۾ ترجما نگاري کي هڪ نئون ويس اوڍهايو سندس ترجمو ڪيل ڊرامن ۾ ڪهاڻي

بلڪُل اصل ڊرامي واري ساڳئي آهي پر انهن جي پلاٽن ۾ واقعن جي تبديلي، ماحول جي تبديلي ۽ ڪردارن جي نالن ماڳن ۽ مڪانن جي تبديلي ڪئي آهي. جيڪي ۽ فڪري لحاظ کان بلڪل سنڌي سماج سان جڙيل آهن . سندس ڊرامن جو اپياس هيٺ ڏجي ٿو.

**شاهہ ايليا (King Lear)**

مرزا قليچ بيگ جو شاهہ ايليا ڊرامو اصل ۾ انگريزي ادب جي نثرنويس ۽ شاعر شيڪسپيئر جي ڊرامي (King Lear) جو ترجمو آهي. جيڪو مرزا صاحب سال 1900ع ۾ ترجمو ڪيو هو. هن ڊرامي جو پهريون ڇاپو ادبي بورڊ طرفان سال 1959ع ۾ شايع ٿيو. ۽ ٻيو ڇاپو ويجهڙائي ۾ سال 2006ع ۾ ادبي بورڊ وارن شايع ڪيو آهي. مرزا صاحب جو هي ڊرامو 136 صفحن ۽ پنجن بابن تي مشتمل آهي.

شيڪسپيئر جو هي ڊرامو پهريو دفعو 1606ع ۾ پڌرو ٿيو. هن ڊرامي جي اصل ڪهاڻي حضرت عيسيٰ کان اٺ سؤ سال اڳ واري زماني جي بادشاهہ ليئر جي زندگي جو تاريخي احوال آهي جيڪو شيڪسپيئر ڪن تاريخي ڪتابن تان لکيو.

مرزا صاحب هن ڊرامي کي سنڌي ۾ ترجمو ڪري سنڌي سماج جي رنگ ۾ رنگي پيش ڪيو آهي. سندس ترجمي جو خاص مقصد ئي سنڌي ماڻهن کي وندر ۽ ورونهن ڏيڻ هو. سندن سمجهہ جي آساني لاءِ ڊرامي کي سنڌي ماحول ۽ ڪردارن جا نالا بہ قديم سنڌي سماج سان ملندڙ جلندڙ ترجمو ڪيا آهن. مثال:_ ڪنگ ليئر جيڪو برطانيا جو بادشاهہ هو ان کي شاهہ ايليا جو نالو ڏنو اٿس ۽ سمرون ملڪ جو بادشاهہ ڪيو اٿس.

**شاهہ ايليا ۽ (King Lear) ڊرامن جي ڪردران جا نالا**

"شاهہ ايليا" سمرون ملڪ جو بادشاهہ (King Lear, King Of Britain)

"شاهہ ادروس" آرميہ ملڪ جو بادشاهہ (King Of France)

"شاهہ هاران" قادس ملڪ جو بادشاهہ (Duke Of Burgundy)

" شاهہ ڪالاب " جيشان ملڪ بادشاهہ (Duke of Cornwall)

" شاهہ منسا" جلجال ملڪ جو بادشاهہ (Duke Of Albany)

"ملڪہ" شاهہ ايليا جي وڏي ڌيءَ (Gorneril)

"زُلفا" شاهہ ايليا جي وچين ڌيءَ (Regan)

" صوفيا" شاهہ ايليا جي ننڍي ڌيءَ (Cordelia)

" زابلون" شاهہ ايليا جو وزير (Caius)

هن ڊرامي جي ڪهاڻي ٽن ڌيئرن ۽ هڪ پوڙهي پيءُ بادشاهہ شاهہ ايليا جي زندگين تي ٽهيل آهي، وڏي ڌيءَ " ملڪا " وچين " زلفا " ۽ ننڍي " صوفيا " بادشاهہ جڏهن پوڙهو ٿئي ٿو

تہ فيصلو ڪري ٿو تہ آئون پنهنجي ملڪيت تنهي ڌيئرن ۾ ورهايان. وڏي ڌيءُ ملڪا کان پڇي ٿو تہ تون مونکي ڪيترو پيار ٿي ڪرين.

ڪنگ ليئر King lear ) ڊرامي جو تاثر Lamb,Charles mary پنهنجي ڪتاب (Tales from Shakespeare ) ۾ هن طرح درج ڪيو آهي.

"Gorneril : The Oldest, Declared that she loved her Father more Than words could gives out, that he was dearer to her than the light of her own eyes, dearer than life and liberty". (Lamb:1975, 104)

مرزا صاحب انگريزي ڊرامي جو سنڌيءَ ۾ هن طرح ترجمو آهي.

"ملڪا بابا، جيتري منهنجي محبت اوهان سان آهي، انهيءَ جي پوري ظاهر ڪرڻ لاءِ زبان کي طاقت ڪانهي: اوهين مون کي پنهنجي نور کان وڌيڪ پيارا آهيو،پنهنجي سک ۽ خوشي کان پيارا آهيو دنيا ۾ ڪا بہ قيمت يا اٽلپ شيءِ مونکي اوهان کان زياده پياري ناهي، اوهين مونکي ساهہ جي برابر آهيو. پنهنجي تندرستي حسن ۽ عزت کان گهٽ پيارا ناهيو. جيترو اولاد تي مائٽ کي پيار ڪرڻ فرض آهي، ۽ جيترو پيءُ کي اولاد کان پيار جي اميد رکڻ گهرجي، اوترو آءُ اوهان کي پايان ٿي: مطلب تہ منهنجي محبت اوهان ڏي حد کان زياده آهي ــ ايتري قدر جو ڳالهہ ڪرڻ کان ٻاهر آهي!." (مرزا: 11,2006 )

ڌيءُ جي انهيءَ جواب ٻڌڻ تي بادشاهہ خوشي وچان پوري بادشاهت مان ٽيون حصو ملڪا جي حوالي ٿو ڪري، جڏهن بادشاهہ وچين ڌيءُ کان پڇي ٿو تہ " زلفا " تون مونسان ڪيترو پيار ٿي ڪرين. تنهن جو جواب ڪنگ ليئر ۾ هن ريت آهي.

Lamb, Charles mary پنهنجي ڪتاب ۾ (Tales from Shakespeare)۾ لکي ٿو تہ:

"Regan : who was mad same hollow metal as her sister, was not a whit behind in her professions of the but rather declared that what her sister, had spoken came short of the Love which she professed to bear for his highness ; insomuch that she found all other joys dead, in Comparison with the pleasure which she took in the love of her dear king and father." (Lamb:1975,104,5)

مرزا قليچ بيگ King Lear ڊرامي جو ترجمو سنڌيءَ ۾ هن ريت ڪيو آهي تہ:

"زلفا : بابا، منهنجو حال بہ بلڪل اديءَ ملڪا جهڙو آهي: مون کي بہ اوهان جي محبت ايتري گهٽي آهي، جيتري اديءَ ملڪا کي آهي. هن جيڪو بيان ڏنو سو اصل منهنجيءَ دل وٽان هو ــ پاڻ گهٽو گهٽ چيو اٿس! حقيقت ڪري دنيا ۾ جيڪي بہ ٻيون خوشيون آهن.

سي مونکي مور پسند نہ آهن : جيتري خوشيءَ منهنجيءَ دل کي اوهان جي پيار ۽ محبت مان حاصل ٿي ٿئي اوتري ڪنهن بہ ٻئي سک مان نٿي ٿئي." (مرزا: 11،12،2006)

انهي طرح بادشاهہ ايليا پنهنجي آخري ڌيءَ صوفيا انگريزي ڊرامي ۾ (Cordelia) کان پڇي ٿو. Lamb, Charles mary جنهن کي هيٺن لکيو آهي.

Cordelia then told her father, that he was her father, that he had given her breeding, and loved her, that She returned those duties back as was most fit, and did obey him, love him, and most honor him. But that she could not frame her mouth to such large speeches as her sisters, had done, or promise to love nothing else in the world. Why had her sisters husbands, if (as they said) they had no love for anything but their father? If she ever wed, she was sure the lord to whom she gives her hand would want half her love, half of her care and duty; she should never marry like her sisters, to love her father all. (Lamb:1975, 105)

(Cordelia) جي گفتگو جو سنڌي ترجمو مرزا صاحب پنهنجي سماج جي مطابق هن طرح ڪيو آهي.

"والد بزرگوار، اوهان مونکي پيدا ڪيو آهي، مون کي پالي وڏو ڪيو آهي، مونکي پيارو رکيو آهي، انهيءَ جي لاءِ جيئن مون تي فرض آهي، تيئن اوهان جي گهڻو شڪر گذار آهيان، اوهان جي فرمانبرداري ٿي ڪريان، اوهان جي محبت ٿي رکان ۽ اوهان کي نهايت گهڻي عزت ٿي ڏيان. منهنجون ڀينرون ٿيون چون تہ اسين بابي کي سڀني کان وڌيڪ پيارو ٿيون ڄاڻون: جي ايئن آهي، تہ تڏهن ڇو مڙس ڪيا اٿن؟ جي مون ڪنهن سا شادي ڪئي ، تہ اهو ضرور اڌ محبت جو منهنجي دل مان ڇڪي ويندو، جيڪو منهنجي سر جو دعويدار ٿيندو، تنهن جي خدمت ۽ سنڀال ڪرڻ جو بہ مون تي اڌ فرض ٿيندو: آئون پنهنجي ڀينرن وانگي، اهڙي شادي ڪڏهن ڪين ڪنديس، جنهن ۾ رڳو پنهنجي پيءُ جي محبت دل ۾ رکنديس، ۽ نڪي ڪنهن ٻئي عزيز خويش جي!." (مرزا :12،13،2006)

صوفيا جو اهو جواب ٻڌي بادشاهہ پنهنجي بادشاهي ورهاست مان ڪيس لاداوا ڪري ٿو ڇڏي ۽ سندس رشتو وٺڻ لاءِ آيل بادشاهہ کي چوي ٿو تہ صوفيا کي خالي هٿين قبول ڪرين تہ وٺي وڃينس منهنجي نظرن اڳيان جيئن تري وڃي. صوفيا جو رشتي کان قادس جو بادشاهہ "هاران" انڪار ٿو ڪري ۽ ان کان پوءِ صوفيا جي رشتي جي ساڳئي پيشڪش آرميہ جي بادشاهہ "ادروس" کي ڪئي وڃي ٿي هي بادشاهہ جي صوفيا جي سچائي نماڻائي ڏسي ڪيس خالي هٿين قبول ٿو ڪري. صوفيا جي حصي جي ورهاست بہ بادشاهہ پنهنجي وڏين ٻن ڌيئرن ۾ تقسيم ڪري ٿو.

صوفيا تمام سچي ۽ نيڪ دل آهي، جڏهن ته سندس ڀينرون تمام سخت دل بي رحم انا پرست آهن، جيڪي پنهنجي پيءُ بادشاهه ايليا کي مقصد حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڌڪاري ڇڏين ٿيون ۽ بادشاهه رستن تي رلي ٿو ۽ فقيرن واري زندگي گذاري ٿو.

صوفيا کي جڏهن ان ڳالهه جي خبر پوي ٿي ته هو ڀينرن کان بدلو وٺڻ لاءِ لشڪر وٺي اچي ٿي آخرڪار قيد ٿي وڃي ٿي جتي کيس ڦاسي تي چاڙهيو ٿو وڃي. بادشاهه به آخر ۾ مري ٿو، ۽ ملڪا ۽ زلفا چالاڪ شمعون جي ڪوڙي محبت جي چڪر ۾ اچي هڪ ٻئي جون دشمن ٿي پون ٿيون. ملڪا زلفا کي زهر ڏئي ۽ پاڻ کي خنجر هڻي ختم ڪري ٿي.

مرزا صاحب جي ترجمي ۾ استعمال ٿيل ٻولي به عام فهم جي آهي جو ان ڳالهه جو گمان ئي نٿو ٿئي ته ترجمو آهي يا طبع زاد شاهه ايليا ڊرامي ۾ جڳهه جڳهه تي شعرن، رباعين، گيتن کي اهڙي سهڻي نموني بيهاريو اٿس جو حيرت وٺيو وڃي.

صفحي نمبر 40 تي لکي ٿو:

جنهن کي هجي ههڙي نياڻي،
تنهن جي قسمت آهي ڪاڻي،
هن کان بهتر ڇتي گيداڙي،
ٻنهي کي گڏي هڻجي اُماڙي،
يا ته ڏجي نئي تن کي ڦاسي،
ڇتي تن مان سيڪو ساسي!

مرزا صاحب ٺيٺ سنڌي محاورن، اصطلاحن، چوڻين، ۽ پهاڪن کي تحرير جي زينت بنايو آهي، جنهن سان هي ڊرامو بلڪل سنڌي سماج جي نمائندگي ٿو ڪري.

صفحي نمبر 61 تي مرزا صاحب لکي ٿو: " بادشاهه : توبهه زلفا، ڪڏهن نه : مرسان مرسان، پر ڊپ نه چرسان."

صفحي نمبر 69 تي لکي ٿو : " مسخرو چاچا ڙي چاچا، ٻاهر هن مينهن ۾ پچڻ کان بهتر، ڪنهن خشڪ گهر ۾ 'گڏهه کي پيرن پوڻ چڱو' "

صفحي نمبر 67 تي : " ههڙيءَ رات ۾ بکيو شينهن ۽ بگهڙ به ٻاهر نڪري پنهنجي کل نه پسائيندو هوندو ۽ ٻچن واري مادي رڇ به خالي پيٽ سان لڪي ڇپي ويٺي هوندي."

صفحي نمبر 34 تي لکي ٿو:" مسخرو: ٻڌو ڪين اٿئي ڳالهين سنديون ڳالهيون، ٽڪي سندا موٺ ........ هن زماني ۾ سچ هڪڙو ڪتو آهي، جنهن کي پنهنجي ڏر ۾ رهڻ کپي، ۽ ٻئي ڪنهن هنڌان ان کي ماري هڪالي ڪيڻ گهرجي باقي لوسڻ ڪتيءَ کي آڙي اندر بيهارجي ۽ پاسي ۾ ويهارجي."

بنيادي طرح شيڪسپيئر جو هي ڊرامو ٽرئجڊي آهي، جنهن جو انجام نهايت ڏکدائڪ ٿئي ٿو. نهايت سنجيده هوندي به ڪاميڊي جو عنصر به موجود اٿس شيڪسپيئر جي ڊرامن جو خاص مقصد هو ته خوشي ۽ غم ٻئي زندگيءَ جو حصو آهن جيڪي انساني زندگي ۾ گڏ گڏ هلن ٿا. انهيءَ ڪري سندس هر ٽرئجڊي ڊرامي ۾ طنز ۽ مزاح به ملن ٿا. ترجمو ڪرڻ هڪ فن آهي. جيڪو هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه نه آهي، مرزا صاحب پڻ هن فن جو ڄاڻو هو جنهنڪري اهڙا شاهڪار ترجما ڪري سنڌي ادب جي ذخيري ۾ واڌ آندائين ۽ سنڌي ماڻهن جو ٻاهرين ادب سان واسطو ڪرايائين.

**شهزادو بهرام Hamlet**

مرزا قليچ بيگ جو ڊرامو " شهزادو بهرام" شيڪپيئر جي ڊرامي "هئمليٽ" جو سنڌيءَ ۾ آزاد ترجمو آهي. جيڪو مرزا صاحب 1914ع ۾ ترجمو ڪيو هو. سندس هي ڊرامو شيڪسپيئر جي ترجمن مان آخري ترجمو هو. جيڪو ادبي بورڊ طرفان 1961ع ۾ شايع ڪيو ويو. هن ڊرامي ۾ مرزا صاحب گھڻي حد تائين ڪردارن جي نالن، ماڳن، مڪانن جي نالن ۾ تبديلي آندي آهي. پر ڊرامي جو مقصد ۽ موضوع بلڪل اصل ڊرامي وارو برقرار رکيو آهي.

مرزا صاحب جي ڊرامن ۾ ماڳن، مڪانن ۽ نالن جي تبديلي جو خاص ڪارڻ هي هو ته هو سنڌي پڙهندڙن ۽ ڊرامي جي شوقينن لاءِ آساني پيدا ڪري ڇاڪاڻ جو جڏهن اصل ڊرامي جيان ساڳيا اهي ئي ڪردارن جا نالا، جڳهين ۽ شهرن جا نالا درج ڪري ها ته شايد پڙهندڙ ۽ ڏسندڙ ان ماحول کان واقف نه هوندي ان ڊرامي مان اصل مزو حاصل نه ڪري سگهن ها. ڏسندڙن جي سمجهه ، لطف ۽ سنڌي ادب کي طبع زاد تحرير جهڙو مواد فراهم ڪرڻ ئي سندس مقصد هو.

**شهزادي بهرام ۽ هئمليٽ (Hamlet) جي ڪردارن جا نالا**

فتح شاهه _ فرخ آباد ملڪ جو بادشاهه (King Hamlet)
بهرام_ فتح شاهه جو پٽ (Prince Hamlet)
دانيال_ وزير (Polonius)
بهزاد_ بهرام جو دوست (Horatio)
بادشاهه_ بهرام جو چاچو راڻي جو ٻيو مڙس (Claudius)
قمرالنسا_ ملڪ جي راڻي بهرام جي ماءُ (Gertrude)
شهربانو_ بهرام جي سورمي ۽ دانيا وزير جي ڌيءَ (Ophelia)
ايوب_ شهربانو جو ڀاءُ، وزير دانيال جو پٽ (Laertes)
شهر_ فرخ آباد، قلعو فتح پور (Denmark)

شيڪسپيئر هن ڊرامي (Hamlet) ۾ (Denmark) جي سر زمين جي ماحول، اٿڻي ويهڻي، زندگي گذارڻ جو طريقو مطلب پورو سماج پيش ڪيو آهي.

مرزا صاحب انهيءَ ڊرامي کي سنڌيءَ ۾ (شهزادو بهرام) جي نالي سان ترجمو ڪري مسلمانن جي زندگي جو عڪس پيش ڪيو آهي. هن ڊرامي جي ڪهاڻي شهزادو بهرام جي زندگي ۾ پيش آيل حالاتن تي ٻڌل آهي، سڄي ڊرامي ۾ شهزادو پنهنجي پيءُ بادشاهه جي قاتل سندس چاچي کان انتقام وٺڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو. سندس چاچي سان سندس ماءُ جي جلدي شادي کيس پريشاني ۾ مبتلا ٿي ڪري، شهزادي جي ننڍي عمر جي ڪري سندس طبيعت ۾ هيڻائي ٿي پوي ٿي. مرزا صاحب شهزادي بهرام جا خيال هن ريت پيش ڪيا آهن.

” بهرام: زال ذات اصل کان بيوفا آهي. اجا مهينو ئي نہ گذريو آهي. جنهن جتيءَ سان هو بابي جي جنازي تي بيٺي زار زار رنائين ۽ دانهون ڪيائين سا اجا پراڻي بہ نہ ٿي آهي. افسوس، انسان تہ خير، پر هڪڙو حيوان بہ جيڪر زياده وقت تائين ڏک ۾ رهي.“ (مرزا: 23،1961)

هوڏانهن شهزادي جي پيءُ بادشاهه جو روح ڀٽڪندو رهي ٿو نيٺ بهرام کي انهي روح کان سموري حقيقت جي خبر پوي ٿي سندس پيءُ جو روح شهزادي کي انتقام وٺڻ لاءِ ٿو چوي. انگريزي ڊرامي“هئمليٽ“ ۾ روح جي پنهنجي پٽ سان گفتگو هن طرح پيش ڪيل آهي.

انهيءَ گفتگو کي مسٽر (Lamb ) هن طرح پيش ڪيو آهي.

The spirit broke silence, and told him that he was the ghost of hamlet, his father, who had been cruelly murdered, and he told the manner of it, that it was done by his own brother Claudius, hamlet’s uncle, as hamlet had already but too much suspected, for the hope of succeeding to his bed and crown. That as he was sleeping in his garden, his custom always in the afternoon, his treasonous brother stole upon him in his sleep, and poured the juice of poisonous henbane into his ears, which has such an antipathy to the life of man, that swift as quicksilver it courses through all the veins of the body, baking up the blood, and spreading a crust like leprosy all over the skin: thus sleeping, by a brother’s hand he was cut off at once from his crown, his queen, and his life: and he adjured hamlet, if he did ever his dear father love, that he would revenge his foul murder. (Lamb: 228, 1975)

پيءُ جي موت جي صدمي کان بهرام چرين وانگر گهمي ٿو.حقيقتن کان آگاهه ٿيڻ جي ڪوشش ۾ رهي ٿو پر پنهنجي پي جو بدلو وٺي نٿو سگهي. بهرام کان چريائي واري حالت ۾ شهربانو جي پيءُ وزير دانيال جو خون ٿي پوي ٿو ۽ سندس ماءُ چويس ٿي هي تو ڇا ڪيو.

انگريزي ڊرامي ۾ هئمليٽ پنهنجي ماءُ سان هن طرح مخاطب ٿئي ٿو. تنهن کي Lamb Charles mary هن طرح لکيو آهي.

A bloody deed, mother, replied hamlet, but not so bad as yours, who killed a king, and married his brother, (Lamb: 234,1975)

پيءُ جي ذڪ ۾ شهزادي بهرام جي پياري ۽ معصوم شهربانو مري ٿي وڃي. بهرام جي چريائي واري حالت تي سندس چاچو بادشاهه بهرام کي مارائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري.

ڊرامي جي پڇاڙي سڀني ڪردارن جي موت تي ٿئي ٿي. شهزادي بهرام پنهنجي چاچي بادشاهه کي ماري پيءُ جي قتل جو بدلو ورتي ٿو. اهڙي طرح هن ٽرئجڊي ڊرامي جو اختتام شهزادي جي ماءُ، شهربانو شهزادو بهرام ۽ شهربانو جو پياءُ ايوب جي موت تي ٿئي ٿو.

بنيادي طرح شيڪسپيئر جو " هئمليٽ" ڊرامو ٽرئجڊي آهي، جنهن جي پڇاڙي تمام غمگين ٿئي ٿي. انهي طرح سنڌي ۾ ترجمو ڪيل "شهزادو بهرام" ڊرامي جي پڇاڙي به مرزا صاحب نهايت افسوسناڪ نموني هيرو (شهزادو بهرام) هيروئين (شهربانو) جي موت سان ڪئي آهي.

شهزادو بهرام ڊرامي جي ڪهاڻي شڪ (Suspense) سان پرپور آهي. هر جڳهه تي اها اڻتڻ رهي ٿي ته هاڻ ڇا ٿيندو يا ٿيڻ وارو آهي.

هن ڊرامي ۾ به مرزا صاحب نج سنڌي لفظن جو استعمال ڪيو آهي، صفحي نمبر 17 تي لکي ٿو: "ابا بهرام، بيشڪ اها جا پنهنجي پيءُ جي غم ۾ 'ماتمداري ۽ عزاداري' سا توکي مناسب آهي.

سنڌي اصطلاحن ۽ چوڻين جو استعمال به جڳهه جڳهه تي اهڙو ته سهڻي نموني ڪيو آهي جو ترجمو گهٽ طبع زاد وڌيڪ ٿو لڳي.

مثال: صفحي نمبر 154 تي لکي ٿو: "مٽيءَ کي مٽيءَ ۾ ملائي ڇڏيم."

صفحي نمبر 127 تي لکي ٿو: " بهرام: برابر پرتاڪ شود. جڏهونڪا مينهن تڏهونڪا پاٽي." "شهر بانو: هي کهڙو سانگ آهي. بهرام: هن سانگ جو نالو" حرڪت مان برڪت" آهي.

مرزا صاحب اصل ڊرامي ۾ موجود انگريزي سماج جو ترجمو مسلمانڪي سماج ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي.

صفحي نمبر 196 تي لکي ٿو: " مزور: تو کو ڪافر ٿو ڏسجين. قرآن ۽ حديث جي ڳالهه تي توکي اعتبار ڪونهي. ڏاڏي آدم زمين ڪيئن کوٽي."

صفحي نمبر 20 تي لکي ٿو: " بهرام ڇڳو امان 'حتمي المقدور' آءٌ تنهنجي حڪم جي تعميل ڪندس.

صفحي نمبر 101 تي لکي ٿو: " بهتر آهي ته "حق بخشي" ڪٿي وڃي گوشه نشين ٿي ويهي رهين..... از شيشه گر گلاب رود. بونمي رود."

انکانسواءِ سنڌيءَ ۾ شعر رباعين ۽ غزل نما گيت به درج ڪيا اٿس.

ٿيو زال کان آدم کي پريندي نقصان.
ٿيو زال کان پڻ ملڪ سليمان ويران.

ٿيو زال ڪان يوسف بہ وڃي مصر ۾ قيد.
ٿيو زال ڪان سايمرغ بہ منجھ قاف نهان.
(مرزا:1961،104)

مرزا قليچ بيگ جو هي ڊرامو بہ ڪامياب ڊرامو آهي. جيتريقدر انگريزي ادب ۾ شيڪسپيئر جي ڊرامي(Hamlet) کي پذيرائي حاصل ٿي. اوتروئي سنڌي سماج جي تقاضا مطابق سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل (شهزادو بهرام) ڊرامي کي بہ پذيرائي حاصل ٿي اڄ تائين بہ مرزا صاحب جا ترجمو ڪيل ڊراما وڏي چاهہ سان پڙهيا، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ اسٽيج تي پيش ڪيا وڃن ٿا.

**حسنا دلدار (Merchant of Venice)**

مرزا قليچ بيگ جو هي ترجمو شيڪسپيئر جي ( Merchant of Venice) تان ورتل آهي. مرزا صاحب هي ڊرامو 1897ع ۾ لکيو هو جيڪو پنجن پاڱن ۾ ورهايل آهي. هي ڊرامو ادبي بورڊ ڪراچي حيدرآباد طرفان 1960ع ۾ شايع ٿيو. مرزا صاحب تمام ڪاريگري سان سنڌي سماج جو روپ ڏئي هن ڊرامي جو ترجمو ڪيو آهي جو بلڪل سنڌي ماحول مان پيو لڳي. ماڳن، مڪانن ۽ ڪردارن جي نالن جي تبديلي بہ اهڙي تہ هنرمنديءَ سان ڪئي آهي جو ڊرامي جا ڪردار بلڪل سنڌي سماج جا پيا لڳن. ماڳن ۽ مڪانن جي چونڊ ننڍي ڪنڊ مان ۽ نالا بہ مسلمانڪا ۽ هندڪا ڪم آندل آهن.

مرزا صاحب ڊرامي جي اصل ڪردارن جي نالن کي تبديل ڪري ٺيٺ سنڌي نالا ڪم آندا آهن. انگريزي ڊرامي ۾ هيروئن جو نالو ( Portia) آهي. تنهن کي سنڌيءَ ۾ حسنا جو نالو ڏنو آهي ۽ ( Portia) جو هيرو ( Bassanio) کي سنڌي نالو دلدار ڏنو آهي. اهڙي طرح ( Shylock) جيڪو اصل ڊرامي ۾ هڪ يهودي آهي تنهن کي سيٺ هريداس مارواڙي ڪيو آهي ۽ ( Antonio) کي جو هڪ ڪرسچن آهي، ان جو نالو لالا منسک رکيو آهي.

**حسنا دلدار ڊرامي جي ڪردران جا نالا**

حسنا ______________ Portia
لالا منسک ___________ Antonio
دلدار خان ____________ Bassanio
سيٺ هريداس مارواڙي _______ Shylock

شيڪسپيئر جي ڊرامي ( Merchant of Venice) ۾ جنهن شهر جو ذڪر ڪيل آهي. اهو ( Venice) نالي آهي. مرزا صاحب ( Venice) شهر جو نالو سنڌي ڊرامي ۾ ( دولت آباد ) رکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هي هوبهو انگريزي ڊرامي وارو شهر جو نالو اسان جي سماج ۾ اوپرو لڳندو ان کي وڏيڪ عام فهم ۾ آڻي (دولت آباد ) رکيائين تہ جيئن تماشائين جي ذهڻ

وقت دلچسپي ۽ تسلسل قائم رهي انهن ڪي ڪٽي ڪابہ ماڻهن مڪانن جي نالن کي سمجهڻ ۾ مشڪل پيش نہ اچي.

مرزا صاحب ڊرامي جي ڪهاڻي بلڪل اصل ڊرامي جي ئي برقرار رکي آهي. تماشائين جي آساني لاءِ پاڻ ان کي سنڌي ماحول ۽ سنڌي سماج جو رنگ ڏنائين. جيتوڻيڪ هي ڪم تمام ڏکيو آهي تہ ڪنهن بہ ڊرامي، افساني يا ناول جي ڪهاڻي جي اصليت کي برقرار رکي ان کي ٻئي سماج جي رنگ روپ ۾ آڻجي. مرزا صاحب هي ڪم تمام سهڻي انداز ۾ سر انجام ڏنو آهي.

جيتريقدر ( merchant of Venice) ڊرامو انگريزي ادب ۾ ڪامياب رهيو آهي. اوتروئي (حسنا دلدار) سنڌي سماج ۾ پسند پيو.
منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو.

” ’قليچ بيگ‘ هن ناٽڪ جو ڏيهي زندگي ۾ اُلٿو اهڙي تہ ڪاريگري سان ڪيو هو جو بنهہ اصلي پئي لڳو. هيءَ ناٽڪ جڏهن پهريون دفعو اسٽيج تي آيو هو تڏهن ڪيترن هندو بزرگن کي ڏاڍي ڏاڍي ڇاٽي لڳي هئي. اُنهي جو ڪارڻ هو تہ ( Shylock) ورياج خور کي مرزا صاحب يهوديءَ مان ڦيرائي ريداس مارواڙي بنائي ڇڏيو هو ۽ ڪرستان واپاري ( Antonio) کي لالا منسکلعل بنائي اهڙي ريت پيش ڪيو هئائين جو هو هندو رڳو نالي ۾ ئي لڳو.“ (ملڪاڻي:1993:115)

شيڪسپيئر جو هي ڊرامو بہ ٻين ڊرامن جيان ٽرئجڊي ۽ ڪاميڊي جو ميلاپ آهي. سندس اڪثر ڊرامن جو انجام افسوسناڪ نڪري ٿو. جيتوڻيڪ هن ڊرامي جو انجام هڪ سٺي ڳالهہ ۽ خوشي تي ٿئي ٿو.

حسنا دلدار ڊرامي جي ڪهاڻي بلڪل اصلي ڊرامي جي ئي آهي، ڊرامي جي ڪهاڻي هڪ عاشق ۽ معشوق جي محبت ۽ هڪ سيٺ جي انتقام تي ٻڌل آهي. دلدار حسنا جو سچو عاشق آهي ۽ حسنا کي حاصل ڪرڻ ٿو چاهي سندس مالي حالات کيس اهڙي ڪم ۾ رڪاوٽ بنجن ٿا. نيٺ هي پنهنجي دوست بهرام ڏانهن وڃي ٿو تي کيس حسنا کي حاصل ڪرڻ لاءِ مدد ڪري. بهرام اڳ ئي سڄي موڙي جهاز تي ٻيرون ملڪ واپار تي لڳائي ٿو ڇڏي پر پنهنجي دوست جي مدد لاءِ هي پنهنجي دشمن جهڙي سيٺ ڏي پئسن لاءِ وڃي ٿو.

سيٺ هريداس کي بهرام بلڪل نہ وڻندو هو. هو بهرام کي ان شرط تي پئسہ ڏيڻا ٿو ڪري تہ کيس مقرر مدي تي پئسہ نہ ملڻ تي هو بهرام جي جسم مان گوشت جو هڪ پاءَ جيترو ٽڪرو ڪٽيندو. هي شرط بهرام قبول ڪري سيٺ هريداس کان پئسہ وٺي پنهنجي دوست دلدار جي مدد ڪري ٿو.

انگريزي ڊرامي ( Merchant of Venice) ۾ موجود هن واقعي کي مرزا صاحب هن نموني تحرير ڪيو آهي. " هريداس : تہ پلائي آءُ توسان ڪريان ٿو. هل هلي قبض نويس وٽ مون کي دستاويز لکي ڏي، رڳو انهيءَ ۾ نالي لاءِ ايترو سو لکي ڏيندين تہ جي هيترا ڪ هيترا پيسا، هن ڪ هن هنڌ، هيتري ڪ هيتري مدت ۾، موٽي پهچائي نہ ڏنم تہ انجام شڪني جي عيوض پنهنجي بت جي ماس مان هڪ پاءَ جيترو ماس، جتان هي چوندو اتان هن کي وڍائي ڏيندس." (مرزا،1960:28)

هوڏانهن دلدار پنهنجي من گهري محبوبہ کي حاصل ڪرڻ لاءِ حسنا جي محبت ۾ سون ۽ چاندي، شيهي جي صندوق مان حسنا جي تصوير واري صندوقڙي جو انتخاب ڪري ٿو ۽ محبت جي امتحان ۾ پاس ٿي وڃي ٿو.

مرزا صاحب انگريزي ڊرامي کي سنڌي سماج ۾ هن طرح پيش ڪيو آهي. صفحي نمبر 17 تي لکي ٿو:

"نرگس سچي صدقي ٿيان، تنهجو بابو ڏاڍو ڏاهو ۽ نيڪ ماڻهو هو ۽ نيڪ ٻانهن کي مرڻ مهل مڙئي چڱي مت ايندي آهي، تنهڪري هن جيڪا تجويز بخت جي آزمائش جي ڪئي آهي سا ضرور چڱي هوندي، يعني تہ هنن ٽن سَون ۽ چاندي ۽ شيهي جي صندوقڙي مان جيڪو ماڻهو تنهنجي تصوير واري صندوقڙي چونڊي ڪيندو، انهي سان تنهنجو نڪاح ٿيندو." (مرزا،1960:17)

حسنا ۽ دلدار شادي جي بندڻ ۾ ٻڌجي وڃن ٿا. دلدار کان بهرام جي ڳالهہ وسري ٿي وڃي.

هوڏانهن بهرام کي واپار ۾ نقصان ٿو پوي، ۽ سيٺ هريداس جي پئسن جو مقرر وقت اچي ٿو پهچي. ۽ سيٺ بهرام جي گوشت جو ٽڪرو ڪٽڻ لاءِ تيار ٿئي ٿو.

انهي ڳالهہ جي خبر حسنا کي پوي ٿي. ۽ حسنا قاضي جو روپ ڪري بهرام کي انصاف ڏئي ٿي.

حسنا جي گفتگو کي مرزا صاحب هن طرح تحرير ڪيو آهي.

" حسنا ٿورو ترسجانءِ ٻي هڪڙي ڳالهہ آهي. هن دستاويز جي لفظن موجب توکي ماس وڍڻو آهي، پر رت جو ٽيپو بہ توکي ڪڍڻو يا نيڻو ناهي، صاف لکيل آهي تہ پاءُ ماس جو سو توکي بہ دستاويز جي لفظن تي پورو هلڻو آهي، ۽ پنهنجو پاءُ ماس جو وٺندين پرجي ان جي وڍيندي هن مسلمان مومن جي رت جو هڪڙو ٽيپو ڪريو تہ تنهنجي سڀ متحرڪ ۽ غير متحرڪ ملڪيت ضبط ٿيندي. شريعت جو اهڙو حڪم آهي ۽ هن ملڪ جو اهڙو قاعدو آهي." (مرزا: 1960:118)

انهي نتيجي تي ڊرامي جو اختتام ٿئي ٿو. مرزا صاحب جا هي ڊراما بنيادي طرح آزاد ترجمو يا ( Adaptation) آهن. جن ۾ فقط ڪهاڻي جي اصليت برقرار رکيل آهي. پر ماحول، ڪردارن، ماڳن مڪانن، شهرن ۽ ملڪن جا نالا سماج ڪلچر ۽ تمدن، هر شيءِ مختلف آهي.

## نتيجو:

مرزا قليچ بيگ ترجمي جي صنف کي عروج تي رسايو. پاڻ ترجمي ذريعي سنڌي ادب جي هر صنف ۾ واڌارو آنڌائين. سندس اڪثر ترجمو ڪيل ڊراما انگريزي زبان جا آهن ۽ ڪجهه اردو زبان مان به ترجمو ڪيل آهن.مرزا قليچ بيگ جي ترجمو ڪيل ڊرامن جي هڪ خاص ڳالهه هي به آهي ته پاڻ هوبهو ترجمو نه ڪيو اٽس بلڪ انگريزي سماج مطابق لکيل ڊرامن کي سنڌي سماج مطابق، سنڌي ماحول، نج سنڌي ٻولي، منظرنگاري پهاڪا ۽ چوڻيون استعمال ڪري بلڪل سنڌي سماج جي تقاضا مطابق پيش ڪيا آهن، جيتوڻيڪ انهن ڊرامن جي ڪهاڻي بلڪل اصلي ڊرامي واري برقرار رکيائين، مرزا قليچ بيگ هوبهو ترجمي جي روايت کي ختم ڪري سنڌي ۾ ترجمانگاري کي نئون لباس پارايو. مرزا صاحب اهڙا شاهڪار ڊراما ترجما ڪري سنڌي ادب جي ذخيري ۾ اضافو آندو .

## حوالا:


1. قاضي، خادم، ڊاڪٽر: (2015ع)، " ادبي سفر" ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد، ص 262.
2. Lamb,Charles mary : (tales from Shakespeare) publish by rupa. co 7/16, ansari road, daryaganj new delhi 110 002. P:no,104: 1975.
3. مرزا، قليچ بيگ: مترجم (2006ع)، " شاهه ايليا" سنڌي ادبي بورڊ _ ڄامشورو سنڌ، ص 11.
4. Lamb,Charles mary : ( tales from Shakespeare) publish by rupa. co 7/16, ansari road, daryaganj new delhi 110 002. P:no,104,105: 1975.
5. مرزا، قليچ بيگ: مترجم (2006ع)، "شاهه ايليا" سنڌي ادبي بورڊ _ ڄامشورو سنڌ، ص 11،12.
6. Lamb,Charles mary : ( tales from Shakespeare) publish by rupa. co 7/16, ansari road, daryaganj new delhi 110 002. P:no,105: 1975.
7. مرزا، قليچ بيگ: مترجم (2006ع)، " شاهه ايليا" سنڌي ادبي بورڊ _ ڄامشورو سنڌ، ص 12،13.
8. ايضًا 40
9. ايضًا 61
10. ايضًا 69
11. ايضًا 67
12. ايضًا 34

13. مرزا، قليچ بيگ: مترجم ( 1961ع)، " شهزادو بهرام " سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد_ سنڌ_پاڪستان،، ص 23.
14. Lamb,Charles mary : ( tales from Shakespeare) publish by rupa. co 7/16, ansari road, daryaganj new delhi 110 002. P:no,228: 1975.
15. Lamb,Charles mary : ( tales from Shakespeare) publish by rupa. co 7/16, ansari road, daryaganj new delhi 110 002. P:no,234: 1975.
16. مرزا، قليچ بيگ: مترجم ( 1961ع)، " شهزادو بهرام " سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد_ سنڌ_پاڪستان،، ص 154.
17. ايضًا 127
18. 1يضًا 196
19. ايضًا 20
20. ايضًا 101
21. ايضًا 104
22. ملڪاڻي، منگهارام : ( 1993ع)، " سنڌي نثر جي تاريخ" روشني پبليڪيشن حيدرآباد- ڪنڊيارو، ص 115.
23. مرزا، قليچ بيگ: مترجم ( 1960ع)، " حسنا دلدار " سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، حيدرآباد- سنڌ- پاڪستان، ص 28.
24. ايضًا 17
25. ايضًا 118